پس پيا ڪندا هئا. انهيءَ واسطي ڳيتن جي ذريعي سندن حضور ۾ رحم جا خواستگار ۽ دعائن جي وسيلي غيبي معلومات ۽ الهامات لاءِ رجوع ٿيندا هئا. پوءِ پنهنجن ديوتائن جا راز مقفيٰ فقرن ۾ (مُنجهائي) عوام کي ٻڌائيندا هئا. انهيءَ عبارت جو نالو 'مسجع' رکيائون، ڇاڪاڻ ته ڪبوتر جي آواز (سجع) وانگر انهيءَ ۾ به هڪ قسم جي هم آهنگي ۽ غنايت محسوس ٿيندي هئي[٢]." پروفيسر احمد حسن زيات "تاريخ ادبيات عربيءَ" (اردو ترجمو) ۾ وڏيڪ لکيو آهي ته "عربي ۽ عِبرانين ۾ جڏهن ڳائڻ وڄائڻ جو ذوق وڌيو، ته شعر، عبادتگاهن مان نڪري ميدان ۽ بيابان ۾ آيو... مسجع ۽ مقفيٰ جي ميل ڪائڻ سان 'رجز' جي شڪل ٻڌجي پيئي. عبرانين ۽ شامين اول اهائي صنف سفر ۾ (حَدي خوانيءَ لاءِ) ڳائڻ شروع ڪئي. رجز جو وزن اُٺ جي ٽور ۽ لوڏ تي ٺي مقرر ڪيائون. انهيءَ ڪري رجز جي تقطيع به اُٺ جي پير رکڻ ۽ ڪڻڻ تي ورجي وڃي ٿي آهي... مختلف راڳن ۽ سُرن ۾ وزن جي اختلاف سان پوءِ ته ڪئين بحر ۽ پيمانا پيدا ٿيا... هاڻي ته اوهان خود به ڏسي ورتو ته شاعريءَ جو شروعاتي سرچشمو 'ڳائڻ' آهي! ڪبوتر جي آواز مان سجع ۽ اُٺ جي هلڻيءَ ۽ ان جي ڳهيڄي تان رجز جو جنم وٺڻ به انهيءَ حقيقت کي ثابت ڪن ٿا ته شاعريءَ جو اولين مصدر 'شير' يعني موسيقي ۽ غنايت آهي[٢]."

'موسيقي' (Music) جو لفظ، قديم يونانيءَ توڙي يورپ جي ٻين پراڻين ٻولين ۾ هڪ جامع لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ اينتري وسيع آهي، جو شاعري، ڳائڻ، وڄائڻ، نچڻ، ناٽڪ ۽ ٻيا جملي اهڙا نَو فن (The none musess) آهن. جي سڀ انهيءَ هڪڙي ئي لفظ موسيقي (Music) ۾ مضمر آهن.[٣]. دراصل، دنيا جي ڪل قديم قومن ۾ ڳيت ۽ ڀڄن، سانگ ۽ ناٽڪ، ڪيرت ۽ ڪلا، نچڻ ۽ ٻنهي توڙي قصا ۽ ڪٿا

(١) "تاريخ ادبيات عربي"، ص ٦٤ ۽ ٦٥. پروفيسر احمد حسن زيات (مصر). اردو ترجمو عبدالرحمان طاهر سورتي ١٩٦١ع.
(٢) "تاريخ ادبيات عربي" ص ٦٥ ۽ ٦٦ استاد احمد حسن زيات (مصري). اردو ترجمو: عبدالرحمان طاهر سورتي.
(٣) انسائيڪلوپيڊيا برٽنيڪا جلد ١٦. ص ٣ ڪالن ١٩. تائين "موسيقي".

اهي سڀ اوائلي انسانن جي آنت لاءِ اول وندر ۽ وروندهہ جو بهانو بڻيا، جنهن مان ايندڙ زماني جي شاعريءَ لاءِ پڻ ميدان مهيا ٿيندو رهيو. اهڙيءَ طرح، ايران جي اوائلي زبان 'زند' ۾ شاعريءَ لاءِ 'سَرود' (Surood) لفظ آهي، اهو پڻ بنيادي طرح ڳائڻ جي ئي معنيٰ رکي ٿو؛ جيڪو رقص و سرود جي علاوه سخن ۽ ترنم جي معنيٰ ۾ بہ استعمال ٿيو. سنڌ ۾ بہ مجوسين ۽ آتش پرست ايرانين جي اثر کان 'سَروز يا سَروج' لفظ عام ٿي ويو آهي، جو ساز-سرود (Instrumental Music) جي معنيٰ ۾ استعمال ٿئي ٿو. ان کان سواءِ" پارس جي پراڻي پهلوي ۽ زند زبانن ۾ خود شاعر کي بہ 'گوسم' (Gosam) يعني ڳائڪ، گويو ۽ ڳائڻو چوندا هئا[1]. انهن ڳالهين مان اندازو ٿئي ٿو تہ لفظن کي ڳائڻ ڪري، انهن ۾ جيڪا ازخود ترتيب آئي، سا ئي شاعريءَ جي اوائلي ۽ فطري صورت هئي. ايشيا ۽ يورپ جي ٻين قديم تهذيبن وانگر خود انڊو-پاڪستان جي پراڻين ٻولين ۾ بہ موسيقيءَ لاءِ 'سنگيت' جو لفظ آهي. انهيءَ جو بنياد يا ڌاتو 'گيت' آهي، جنهن ۾ 'ٻول' يا شاعريءَ جو مفهوم سمايل آهي. 'سم' ان جي اڳياڙي (Prefix) آهي، جنهن جي مراد آهي 'سريلو يا سٺو ڳائڻ'. انهيءَ هڪڙي ئي گفتي ۾ راڳ ۽ ڪويتا ٻئي گڏوگڏ، هڪ ئي وقت موجود آهن. اهي سڀ ڳالهيون موسقي ۽ شاعريءَ جي ساڳئي سرچشمي ۽ هڪڙي ئي بنياد يا اصل جو اعلان ڪري رهيون آهن. مطلب تہ شاعريءَ جي شروعات يعني اُن جي آغاز جو نقطو هر طرح سان سُر ۽ سَرواد آهي، جو ئي انساني ڪائنات جو اوائلي آهنگ ۽ آواز آهي. اسان کي سنڌي شاعري جي شروعات بہ انهيءَ ڪري 'ڳائڻ' مان ئي ڳولي لهڻي آهي. انهيءَ کان الڳ ٻيو ڪو بہ اهڙو ڄومنتر ڪونهي، جنهن اڄ يڪايڪ شاعريءَ کي وجود ۾ آڻي ڇڏيو هجي. انهيءَ ڪري مٿي ڏسيل پارپتا، تاريخ مان تلاش ڪري، ان جو منڍ معلوم ڪرڻو آهي. ان جي جنم، نيپاج، ٻالجڻيءَ ۽ جوانيءَ جا سڀ سلسليوار مرحلا انهيءَ اصول

(١) پروفيسر ڊاڪٽر قاضي نبي بخش، صدر شعبہ فارسي، سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد کان، زباني ٻڌي قلمبند ڪيل.

ماڻي رهيا هئا؛ جيڪي ساڳئي وقت سندن سياسي اڳواڻ به. ته وري مذهبي پيشوا به هئا. پر وهت جو ساڳيو ئي گهر. هڪ ئي وقت، مرڪزي آفيس، مندر، محلات، ڪلب، ڪورٽ، آشرم ۽ ناچ-گهر هوندو هو ڄاڪاڻ ڪاهن جو مسڪن جو ٿيو! منجهنس اپسرائون ۽ ديوداسيون، ناچ ۽ نرت، وڄت ۽ ڪيرت، پڄن ۽ ڀڳت مطلب ته هر قس جي حرفت جو سامان موجود هو. وقت گذرندي 'نٽ راڄ' (Dancing-God) يعني 'ناچ جو ديوتا' جيڪو آريائي شِو مهراج جو به ڪو پڙ-تڙ ڏاڏو هو. هتي جو مکه ديوتا مڃيو ويو. جنهن جي ريجهائڻ ۽ مڃائڻ لاءِ مٿيان سڀ ماندڻ منديا ويا. هن ڪان پوءِ ڳائڻ وڄائڻ ۽ نچڻ جو هنر، هاڻي پرستش جي پوشاڪ پائي، سوسائٽيءَ جي سمجهدار ۽ ذهين ماڻهن جي اڃي. ڪلهي چڙهيو. هيءَ آرين جي آمد ۽ سندن وٺدڪ ڪال ڪان به ڪيئي صديون اڳ وارو دراوڙي دؤر يعني قبل از تاريخي زمانو هو. جنهن جي ڪلا ۽ ڪوَت، ادب ۽ ساهت سڀ ماضيءَ جي اٿاهه ساگر ۾ غرق ٿي، هميشه لاءِ نيست ۽ فنا ٿي ويا.

هاڻي هن سنجڳ جي سرواد ۽ ناد. پڪار ۽ تنوار. فقط تصور ۾ ئي سٽي سگهجي ٿي. ٻيءَ حالت ۾ هزارين سالن جي تاريخ جي هن اونداهي دؤر ڪان سانگ ۽ سرود جي سهاري، انساني آواز جي آغاز ۽ شاعريءَ جي شروعات يعني ڪهنيءَ ڪلا جو ڪاٿو ڪرڻ ئي ڪنن ڪم آهي. بلڪه مٿي آيل موسيقيءَ جي اهڙن اڙانگن اهڃاڻن ۽ پارن پٽن پٺيان لڳي پند پوڻ، هڪ حد تائين جيئرو جاڳندو جنون پڻ آهي ۽ انديشو به آهي ته اهڙي انڌي عشق اختيار ڪرڻ تي عاقل ڪوئي ڏناب نه ڏين پر اهڙي پند ۾ پير پائڻ ڪان پوءِ پڇتائڻ پڻ ڪانئر پڻو ۽ مورڪائي آهي. تنهنڪري 'همت بندا مدد خدا'، رب تي توڪل رکي فضا ۾ تحليل ٿيل انهيءَ الست جي ابدي آواز ۽ انهد جي انادي آلاپ کي ڪَنائيندي ڪترائيندي، ڪنهن نه ڪنهن حد ڪان انهيءَ جي ابتدا معلوم ڪرڻي آهي ۽ اتان هن ڪهاڻيءَ جو قافلو پوءِ ڪلجڳ ڏانهن پاڻهي ڀيو هلندو. خواجه نظام الدين اولياء رحمته الله عليه ته اهو الست

جو آواز سر پوربي راڳ ۾ سماع فرمائيو هو ۽ اهو واقعو سندن لاءِ چڻ ڪلهه ڪلهوڻي ڳالهه هو. "ما را در روز ميثاق نداي "الست بربڪم" در آهنگ 'پوربي' بگوش رسيده بود و آن بنوعي مشاهده مي شود ڪه گويا ديروز بوده بلڪه آن روز را هنوز شب نيامده است[1]." پر انهيءَ جي ٻڌڻ لاءِ "هي ڪن گڏهنا وڪٽي، پيا ڪي ڪَنَ ڳنهيج". وارو سرط نافذ ٿيل آهي. جنهن ۾ اسين ناسوتي ٻندا ٻنجهه ٻيوس ۽ معذور آهيون. تنهنڪري لاچار ڪوڙي ڪنين، ڪنين ٻڌيءَ تي ٿي ماپا جو مانڊاڻ منڊي، پنهنجي ڪامنا پوري ڪرٽي آهي.

## ڳائڻ ۽ شاعري جي شروعات

**(الف) ناد يا آواز (The Voice or 'Air'):**

اوائلي انسان ڪڏهن ٻوليو؟ انهيءَ اول ڪيئن ڳالهايو؟ اهڙي شروعات ڪيئن ۽ ڪڏهن ٿي؟ انهيءَ مسئلي تي لسانيات جي ماهرن اڃا ڪا ٻـ آخري فتوا ڪانه ڏني آهي. ممڪن آهي تہ اوائلي 'بن مانس' بهادر (Ape-man) سندس حيوانيءَ يا جهنگليءَ حيثيت مان عبور ڪري، انسانيت جي عهدي حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪا جدوجهد جاري ڪئي، انهيءَ ۾ ٿي سندس آواز اڀري آيو هجي ۽ سندس نڙيءَ ڪلي پيئي هجي! فرئنڪ لاريمر (Frank Lorimer) جي ڪتاب 'سبب جي ساڃاهہ' (The gorwth of reason) موجب: امنگ ۽ ايذاءَ، ڪاوڙ ۽ ڏک، خوف ۽ خوشي يا جذبي ۽ جوش جي اظهار لاءِ نداي آواز؛ (Vocative sounds) رڙ ۽ پڪار يا واڪي ۽ تنوار جي شڪل ۾، انساني ڳلو چيري ڦاڙي، بيساختہ ناد وانگر ڏوڪيءَباهر نڪري پيا. (سر يعني پران وايو 'Air' جي معنيٰ ٿي آهي، پاڻمرادو يا پاڻيهي پيدا ٿيل آواز). "اهڙو عمل، انسان جي لاءِ اول فني نوعيت وارو ضرور هو، پر ڏکهي عرصي تائين اهڙن آوازن جي مشق آخرڪار انساني سماج لاءِ مڪ وسيلو بڻي[2]." اهڙيءَ طرح، 'بي آواز بن مانس' مان ڦري هاڻي 'با

(١) "هماري موسيقي": اداره مطبوعات پاڪستان، پوسٽ باڪس نمبر ١٨٣ ڪراچي. ١٩٦١ع.

(2) Prof: O. Gosvami: "The Story of Indian Music" (Asia publishing-house). p. 1.

آواز بندو بڻيو. اها ئي سندس بهرين گويائي آهي ۽ شاعري بہ. اڄ انهيءَ جي قدامت اسان جي اندازي منجهہ نٿي اچي سگهي. ڊاڪٽر برني (Dr. Burney) جي تحقيقات آهي تہ "آوازي سر ايترو تہ قديم آهن، جو انهن جي شروعات بہ انساني ارتقا سان متوازي معلوم ٿئي ٿي. پيو جي نہ؛ تڏهن بہ درد، دک، محبت ۽ مسرت جا سريلا آواز ۽ ڊار وارا ڊگها سر، دنيا جي هر ٻوليءَ، راڳ ۽ شاعريءَ جو مهاڳ آهن. جذباتي ۽ امنگ وارن آوازن ۾ صاف، قدري خاص لهجي ۽ جهيل وارو سُر ڪپي، جو منڍ ۾ سڀني انسانذات لاءِ ساڳيو ئي رهيو هوندو؛ سواءِ ان امتياز جي: جيڪو عمر، جنس، نڙيءَ جي اثر ۽ انداز ۾ اچي سگهيو ٿي. ....ويندي جيسين مختلف قومن جي مخصوص عادت آهر الفاظ مقرر ٿيا[1]." خود لفظن جي تقرر ۽ ٻوليءَ جي ارتقا شروع ٿيڻ کان بہ اڳ، جيئن ڊاڪٽر ڪرٽ سڪس (Dr. Curt suchs) جي دعوا آهي تہ "انسان ڳائيندا هئا. ڪن ڪونہ ڪو آواز يا ڪو بہ سر، جيڪو بہ ور تي چڙهي ويو تہ ان کي سڌي ڪس ئي تنواريندا رهندا هئا. ان ۾ سڪٿو سر ئي سندن امنگ جو اظهار ۽ جذبي جي تسڪين لاءِ ڪافي هو. ... هيڪر سندن آواز چالو ٿيو تہ يڪدم تيز ڪائي وڃي مٿي گهمسان جي ٽيپ تي پهچندو هو ۽ اتان نڙڪي هيٺ ڪرندو. قسم قسم جا جهنگلي جذباتي ۽ خوفناڪ آواز ۽ واڪا ڪندو رهندو هو[2]." هن حوالي مان اها ڳالهہ آسانيءَ سان سمجهہ ۾ اچي سگهي ٿي تہ بي معنيٰ، ڊگها ۽ جهيل وارا آواز (Long-vovels) جهڙوڪ: آ، هو، او، ها، اي، هي وغيره، انسان جا ابتدائي ۽ اوائلي 'ڳيا' آهن. غالباً اهڙي اڪيلي ئي آواز کي هر وقت ڳائيندو رهڻ سپوجهن کي سٺو نہ لڳو هوندو. تنهن ڪري ممڪن آهي تہ باشعور ۽ جدت پسند سگهڙن پوءِ ان ۾ اضافو آڻي اندازاً اڌ لک سالن کان ٻئا حرف علت ڳائڻ شروع ڪيا ويندا! جهڙي طرح آهو، اهو هو، آهي، ها اي، اوها هي او... وغيره، جيڪي آوازن جي صورت ۾ گويا بي معنيٰ ننڍڙا لفظ آهن. تن مان هرهڪ پنهنجيءَ جاءِ تي هن لاءِ پورو ڳيت يا ڳيو هوندو. رڳو اڄ ئي ڏسو،

(1) Prajnananada: Historical Development of Indian Music: p. 49.

(2) Prof: O. Gosvami: The Story of.Indian Music. (1961) p. 2.

جهنگ ۾ ڪنوار ۽ ڏراڙ، مال کي هونڪار ڏيندي بلند آواز سان جيڪو (سر پهاڙيءَ ۾) آلاپ ڪندا آهن، تنهن جي متن ۾ اڄ تائين بہ اهڙا بي معنيٰ، ڊگها ۽ ٻٽا حرف علت هوندا آهن. اهو هونڪارو ڪجهہ هن طرح هوندو آهي، 'هو (اون) هو، آ هو هو، آ هو، هو آ هو، هو هو، آ هو... وغيره اها هونڪار اڄ بہ قديم شڪارين جي 'آوازي گيت' جي جڙ تہ ياد ڏياري رهي آهي. پروفيسر ايڊورڊ مئڪڊوويل (Prof: Edward Macdowell) جو دليل آهي تہ "تهذيب جي شروعاتي تاريخ مان اسان کي معلوم ٿئي ٿو تہ منڍ ۾ انسان کو بہ آواز يا سر چٽو ڪڍي نہ سگهندا هئا. انهن جو آواز مختلف مقامات ڏانهن ٿڙندو رهندو هو. انهيءَ سبب ڪري، سندن سُر لاشعوريءَ ۽ بيخبريءَ ۾ مقرر آستان کان هڪڙو ڏاڪو هيٺ يا مٿي، چڙهندو ۽ ڪرندو رهندو هو[1]." مٿين حوالي مان هي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ انهيءَ سبب انسان لاءِ هاٿي 'هڪ سري' راڳ کي ٽن مختلف سرن ۾، يا گهٽ ۾ گهٽ هيٺ مٿي جي ٻن آوازن (ڪرج ۽ رکب) ۾، جهونگارڻ جو اوائلي آزمودو اتان ئي ٿيو هوندو! ڊاڪٽر بوشر (Dr. Bucher) جي انڪشاف مطابق "ظاهر آهي تہ اهي لاتيون، جهيلون ۽ جهونگارون ڳائڻ جي ٻالجتيءَ واري زماني جو هڪڙو ابتدائي خاڪو، هڪڙو پڇرو يا ڍانچو هيون. انهن ۾ لئي تال جي مطابق اجا لفظن جو پراءُ ٿيٺو هو. جن جي سرائتي صورت ايندڙ گيت سنگيت جي پيڙهہ رکڻ ۾ مک وسيلو ثابت ٿي. اها ايندڙ زماني ۾ جتي ڪٿي غنايت جي بناءَ بڻي[2]."

(ب) سرائتو لفظ (Word poem):

ڊاڪٽر ڪرٽ سڪس (Dr. Curt Suchs) ٻڌائي ٿو تہ "انهيءَ سان گڏوگڏ ٻيو بہ هڪڙو سلسلو اسري رهيو هو. ڪي سچاڻ، شروعاتي ٻوليءَ جي ڪن اچارن جا ماهر ٿي چڪا هئا. انهيءَ ڪري هڪڙو بي معنيٰ لفظ ١ هڪ تمام ننڍڙو بي مطلب گفتگو. بطور متن جي اهڙي جهونگار ۾ مڙهيو ويندو هو ۽ اهو لفظ يا گفتو، اهڙن ٻن، (ٽن؟) سُرن جي وچ ۾ آلاپيو ويندو هو، جيڪو هڪبئي کان ڪيتري بہ

(1) Prajnananada Swami: Historical Development of Indian Music: p. 46.

(2) Prof: O. Gosvami: The Story of Indian Music-Bombay. p. 3.

۾ ايڊورڊ مئڪڊو ويل وڏيڪ ايترو به ٻڌايو آهي ته: اهي آلاپ ۽ لاتيون يا تنوارون به لفظي محاوري يا فقري (Word sentence) سان موافق ۽ متوازي هونديون هيون[1]" اهڙيءَ طرح، اندازاً ست هزار ق. م. کان، چراگاهي دؤر ڏاري، ٻن لفظن جي ننڍڙن فقرن يا محاورن (Phrase-songs) جي ڳائڻ جو دؤر چالو ٿيو. جي فقط ٻن-چئن سُرن جي ميلاپ سان ڳايا ويندا هئا. اهڙا چوٽڙا فقرا ۽ ننڍڙا محاورا پوءِ جيتوڻيڪ پوري ڳيت جي حيثيت ڪڏهوڪي وڃائي ويٺا، تڏهن به راڳن ۾ زائد يا ثانوي حيثيت سان پوءِ به ڪنهن ڪنهن شڪل ۾ ايندا رهيا. اهڙا سريلا فقرا ۽ ٻول (Phrase Tunes) جن جو مٿي حوالو آيو آهي، ڪجهه مٿيل شڪل ۾، ڪنهن ڪنهن صورت ۾ ڪنهن نه ڪنهن بهاني سان ٽڳندا آيا آهن. مٿين محاورن جي مترادف ڪي ٻول هتي پيش ڪجن ٿا، جي مقفيٰ، مسجع يا سادا آهن. مثال: اڄڪلهه راڳ چالو ڪرڻ وقت عقيدت وچان جيڪو 'سبحان الله'، 'هريرام' وغيره چوندا آهن، تنهن جو مطلب ته صاف آهي. پر ڳائيندي ڳائيندي وچ ۾ جو 'ٻلوڙي ٻلو، ٻلوڙي يار، ٻلو ٻيلي، ٻلو ميان، الو ميان، الو الو، وو وو...' وغيره چوندا آهن ۽ پنجاب جي ٻيلوا ڳيتن ۾ وري 'هلابيليا، هلابيليا' ۽ مرزا صاحبان جهڙن رومانوي داستانن ڳائيندي وچ ۾ جيڪي ڏڳها ڊار وارا ۽ سريلا 'سڏ' وجهندا آهن 'او ٻيليا هو' يا پنجابي جاٽن جون 'ٻوليون' جيڪي ناچ جي مستيءَ ۾ ڇڙواڳ ٿي ٻوليندا آهن: اهڙي طرح پشتو 'ٽپي' (لنڍيءَ) جي ڪٿيءَ ۾ پختون خوا، ويهن ٿي نَهن جو زور لڳائي چوٽ تي چوندا آهن 'ياڪه زار' ۽ 'ياقربان' وغيره: اهي سڀ قديم آوازي فقري (Phrase Tone) ۽ پراڻي ٻول (Word sentence) جو ئي ميل معلوم ٿين ٿا. جو ته جديد شاعريءَ توڙي معياري ٻوليءَ ۾ انهن جو ٻيو ڪو به مفهوم يا ڪا به معنيٰ ڪانه آهي.

**(د) ڳائڻ ۽ ڳالهائڻ (Poetry & language):**

قديم شاعريءَ جي قافلي جو مٿين منزل تي اچڻ کان اڳ، استادن جو هڪڙو وڏيڪ ويچار ٻڻ ورجائڻ جهڙو آهي. "جڏهن بي

(1) Prajnananada: Historical Development of Indian Music, pp. 44-46.

اچار ۽ غير مرتب ٻولي، ڪن علامتن ۽ اچارن جو سهارو ورتي، خيال جي اظهار ڪرڻ لاءِ قابل ٿيڻ لڳي، تڏهن ڏکهن ۽ سرائتن آوازن واري اظهار جو طريقو ترڪ ڪري، پنهنجي جداگانہ حيثيت قائم ڪرڻ لڳي ۽ اتان ٿي ٻوليءَ جي امتيازي شروعات ٿي. لفظن ۽ معنيٰ جي ترتيب ۾ هيءَ هڪ وڏو فني ۽ لساني ڪارنامو هو. هن ٿي حد تان ڳيچ يا ڳيتو بہ انساني امنگ ۽ جذبات جي ترجمانيءَ لاءِ مخصوص ٿي ويو ۽ رواجي گفتار کان هميشہ جي لاءِ ممتاز بڻجي ويو[1]." هن کان پوءِ وارا انسان بي تہ ساري ڳالهہ ٻولهہ لفظن، گفتن، محاورن ۽ فقيرن ۾ نباهيندا رهندا هئا، پر جڏهن بہ ڳائڻ جو امنگ اٿندو هون تڏهن پنهنجا احساس ۽ مشاهدا وري بہ جهيل ۽ ڊار يا سُر ۽ تار ۾ ٿي پلٽيندا هئا[2]." - "هاڻي اهو ڳائڻ يا ڳيت جيڪو هزارين سالن کان رواج ۾ اچي چڪو هو، سو وڌندو ويجهندو ترقي جي هڪ اهڙي فنيءَ منزل تي اچي پهتو هو؛ جتان علحده بنيادن تي ان جا بہ مختلف حصا معلوم ڪيا ويا. انهن مان 'پهريون' پاڳو، مئڪدو ويل جي چوڻ موجب، 'خالص اعتقادي بنياد وارو هو، جيڪو ديوتائن يا بزرگن جي واتان نڪتل وائيءَ (واٽيءَ) جو رسمي پڙاڏو يا ڏرمي روپ هو، ۽ خطابت جو فن بہ انهيءَ حصي مان اسريو- جنهن ۾ جوش وارو ڳالهاءُ، ان وقت جي نفسياتي طرح اظهار جو تقريباً مڪمل طريقو هو، تنهن ۾ آواز جي لات وري ان کي ابدي اولاٿو عطا ڪيو.' (ان ۾ اول تڪون ۽ ڪليون، ٻول ۽ جملا ڳائجڻ شروع ٿيا، جن پوءِ پچن ۽ پڳتيءَ جو بنياد وڌو.) ڳائڻ وڄائڻ جو ٻيو مڪ پاڳو وري 'تخميني يا اندازي' هو، جيڪو هٿن پيرن جي حرڪتن يا جسم جي جهومڻ ۽ جهولائڻ مان پيدا ٿيو. تنهن گهربل تڙپ ۽ ولولو پيدا ڪيو. ناچ، نرت ۽ رقص جو رواج اتان ٿي اسريو[3]:" انهن ٻنهي پاڳن مان هيل تائين فقط پهرئين اڌ يعني ناد يا سُر (Air) جي پچار ٿيندي پئي آئي آهي، جنهن ۾ آوازن ۽ لفظن، گفتن ۽ محاورن، فقرن ۽ ٽڪن، ڪلين ۽ ٻولن يا جملن ۽ مصراعن جي ڳائجڻ تائين بيان ٿي آيو

(1&2) Prajnananada: Historical Development of Indian Music: p. 43.
(3) Historical Development of Indian Music: pp. 48-49.

اوائلي انسان، رات جي رهاڻ ۾، جيڪڏهن سڄيون راتيون، باهه جي چوڌاري ويهي ڳائين ۽ تاڙيون ٺهڪائين، ته صبح جو سندن هٿ ضرور سور ڪندا يا سُڄي پوندا هئا. تنهنڪري سياڻن انهن جو بدل سوچيو ۽ ڪاريگرن کيَ موسيقيءَ جي آله سازيءَ جي ڪارخانن قائم ڪرڻ جو خيال آيو. اول انهيءَ مطلب لاءِ پنج هزار ق. م. ڌاري، ٺڪريون آزمائي ڏٺائون. پر اهي اوچتو ڀڄيو پون. ته بزم جو سارو ٺي رنگ 'شونڀ' ڪري اپ ڏي اڏاميو وڃي ۽ ڳائڪ نائڪ وات ڦاڙي وائڙا ٿي ويهو رهن! هاڻي ڪلاڪار وڏي ويچار ۾ پئجي ويا. آخرڪار استادن هوش هلائي، ڪاٺ جي ٻن چپڙين مان 'ڪرتال' (Castanets) جهڙو انوکو ۽ عجيب ساز ايجاد ڪري ٺي ڏيکاريو! هاڻي ته ڳائڻ لاءِ مڪمل وڄت (Jazz-Drums) وجود ۾ اچي ويئي. (پوءِ ته ڏاڍو مزو ٿيو هوندو!) سنڌو ماتريءَ جي کيترن ٺي کھنڊن پڙن مان به ڪرتالون هٿ آيون آهه.[1]. ڪرتال لفظ جي معنيٰ به هٿ جي ترِي (Palm) آهي. گهڻو پوءِ، به هزار ق. م. ڌاري، جڏهن مسترين ٽامون ۽ ڪنجهو (Bronze) ڪمائڻ شروع ڪيو، تڏهن ڪي شوقين شاعر ۽ تتراج ٻنهنجي لاءِ ٻتل جا گول ڪرتال (جانجهه) ۽ ٿالهيون (Cymbals) ايجاد ڪرڻ لڳا. تلفظ جي اعتبار کان ٿالهي يا ٿالي لفظ به تالي يا تاڙيءَ مان نڪتل معلوم ٿئي ٿو. آثار قديمه وارن کي به اهڙيون ننڍڙيون ٿاليون (جانجهه) مليون آهن. اهڙو انڪشاف پروفيسر اسٽوئرٽ پگٽ به ڪيو آهي. هنن نون سازن وري ڇيڄ هڻڻ لاءِ جادو جاڳايو. جو ته ناچ ۽ تال اول کان ٺي هڪبئي جي جند ۽ جان آهن. سماع جي وجد ۾ جهولڻ جهومڻ، ۽ تار تي پيرن جي پنبي هڻڻ سان ٺي هيءَ لطيف فن جاري ٿيو. انهيءَ ڪري ساهت، سنگيت، چند ۽ ڳائڻ ودياءِ ۾ اڄ به 'چرن' (Foot) لفظ جي معنيٰ ٽڪ يا ٻول يا گفتو ڳائيندا هئا. انهيءَ کي اول 'چرن' چوندا هئا. (پيرن جي ٺمڪ تي 'ٺمري تال' به ٺهيو آهي، انهيءَ تال ۾ جيڪي ڳايو ويو سو به 'ٺمري' سڏجڻ ۾ آيو.) جهمر ۽ رقص

(١) "واديءَ سنڌ جي تهذيب": ص ١٥٥ ۽ ١٩٠ محمد ادريس صديقي، محڪمه آثار قديمه پاڪستان.

جو رواج وادي، مهراڻ ۾ موسيقيءَ جي بلڪل پهرينءَ پڪار يا اولين صدا (The first cry) سان گڏ ئي شروع ٿيو.

موسيقيءَ وانگر نرت ۽ رقص پڻ شاعريءَ جو بنيادي محرڪ آهي ۽ انهيءَ جي پرورش ۽ پالنا ۾ پڻ پورو حصو ورتو اٿس. رقص جي قدامت بہ ڪٿڻ کان ٻاهر آهي. دنيا جي پراڻن پهاڙن ۽ انهن جي غارن ۾ هزارين سال اڳ وارن جهنگلي انسانن جي ڪماڻ سان شڪار ڪرڻ ۽ ناچ جون تصويرون جبلن ۽ غارن جي پٿين تي نڪتل مليون آهن. تنهن کان سواءِ "هڪڙو هو بادشاهہ... وغيره" اهڙيون اڻ لکيل يا زباني لوڪ ڪهاڻيون، جي دنيا جو اوائلي ادب توڙي تهذيب ۽ تمدن جي تاريخ جو منڍ آهن؛ انهن آکاڻين ۾ عاشق (سورمون) اڪثر پرين جي ملڪ ۾ پهچي ٿو، يا ڪنهن بادشاهزاديءَ جي باغ ۾ وڃي ٿو نڪري. تلاءَ جي ڪناري تي ڪماريءَ جون ست سهيليون مڙن ٿيون، يا پرين جي ڪا ٽولي اوچتو لهي اچي ٿي. پريون چاندوڪيءَ ۾ ناچ ڪن ٿيون، يا راجڪماريون باغ ۾ گڏجي ڳائين ۽ نچن ٿيون. اتي آکاڻيءَ جو سورمون سائن 'سنگت' ڪندي، سدائين ڊولڪ وڄائيندو نظر ايندو آهي. اسان جي اڪثر آکاڻين ۾ مٿين منظر جو هجڻ، سنڌ ۾ ناچ جي قدامت جو چٽو دليل آهي. ڊيڍ هزار ق. م. کان گهڻو اڳي، اهو فن هتي وڏي عروج کي پهتو.- "موهن جي دڙي مان ديوداسيءَ يا 'نرتڪيءَ' (رقاصہ) جو ڪَنجهي مان ٺهيل پتلو ۽ هڙپہ مان پٿر جو پتلو، جنهن ۾ 'نٽ راج' يعني ناچ جو ديوتا عالمِ رقص (Dancing-pose) ۾ مجسم ڪري ڏيکاريو ويو آهي. انهيءَ ڳالهہ جو ڪليل ثبوت آهن، تہ واديءَ مهراڻ ۾ ناچ کي انهن قديم ماڻهن جي مذهبي رسمن ۾ مک جڳهہ هئي ۽ پوڄا جو خاص حصو سمجهيو ويندو هو[1]." ڪاٿي مير (Kathi meyer) قديم مذهبي رقص لاءِ چيو آهي تہ "ڪافي مدت تائين ڳائڻ جو دارومدار ئي ناچ تي هو. جو ڪڏهن بہ ان کان الڳ نہ رهيو. ڇاڪاڻ تہ تمام آڳاٽي زماني ۾ انسانن جي زندگيءَ تي ريتن رواجن جو

(١) "واديءَ سنڌهہ کي تهذيب": ص ١٥٥ ۽ ١٧۴. محمد ادريس صديقي، محڪمہ آثار قديمہ پاڪستان.

هيڪر قديم سنڌين کي جو ڪُل مڙهڻ جو ڏانءُ اچي ويو، سو وڻ جي پوري ٿڙ کي ٻنهي پاسان چمڙو مڙهي 'پکاوج' ناهيائون. پکاوج پوء "ڏرپد" ڳائڻ جي ڪم آيو. جيڪو اچ تائين ٻنهي پاسان هٿن جي ترين سان وڄائبو آهي[1]." مردنگ ۽ پکاوج ۾ هيءُ فرق آهي، جو ٻهرين واڄو مٽيءَ مان ٺهيو ۽ پويو ڪاٺ مان، تنهن ڪري 'پکو واڄو' يا "پکواج" سڏجڻ ۾ آيو. (ايراني اثر ڪان پکواج مان ڦري هاٿي پکواز يعني طبلو ٿيو آهي، جو پکواج کي ٻه اڌ ڪري بنايو ويو آهي). هي ايجادون آرين جي اچڻ کان گهڻو اڳ ٿيون آهن. -" موهن جي دڙي مان لڌل هڪڙيءَ مهر تي 'مردنگ' اُڪريل آهي ۽ ٻيءَ هڪڙيءَ مهر تي پوڄاريءَ جي ڳچيءَ ۾ 'پکواج' پيل ڏيکاري ويئي آهي. ٽينءَ مهر تي وري مگنٿهار وڄ تي 'دهل' وڄائي رهيو آهي، ۽ پوڄاري پاسن کان نچي رهيا آهن. اهڙن آثارن مان پڌرو آهي تہ دنيا جي ٻين پراڻين تهذيبن وانگر سنڌ جي مندرن ۾ بہ ديوداسيون رهنديون هيون ۽ پوڄا جو بنياد ديوتا* جي اڳيان ناچ ڪرڻ ۽ ڳائڻ وڄائڻ تي هو[2]. هن مقالي جي منڍ ۾ عيسوي سنڌ کان چند هزار سال اڳ جا، سامي ۽ عبراني ڪاهن (Semetic priests) ديوتائن جي اڳيان مقفيٰ ۽ مسجع ٽڪون ڳائيندي معلوم ڪيا ويا آهن. يقيناً موهن جي دڙي جا پروهت ۽ پوڄاري بہ ساڳيءَ طرح مٿين ديوتا جي اڳيان چوٽيون ٽڪون ۽ ڪَليون، ٻول ۽ ڳيا ضرور ڳائيندا هوندا! (هيءُ سارو مضمون جيئن تہ سنگيت جي ڪتابن ۽ موسيقيءَ متعلق مقالن ۽ مضمونن مان مواد ڪٺو ڪري مرتب ڪيو ويو آهي، تنهن ڪري پڙهندڙن کي انهيءَ ۾ بظاهر 'شروعاتي شاعريءَ' جي بجاءِ ڳائڻ جو ڳچ سارو مواد محسوس ٿيندو، پر اهڙيءَ جستجو ۾ موسيقيءَ جي ذريعي استعمال ڪرڻ کان سواءِ ٻيو تہ ڪو چارو بہ ڪونهي.)

---

(1) Prajnananada: Historical Development of Indian Music: p. 44.

* هن ديوتا لاء ڪي رايا گڏ ڪري، ٻچاڙيءَ ۾ رکيا ويا آهن.

(٢) "واديءِ سنڌ کي تهذيب": ص ١٥٥ ۽ ١٩٠. محمد ادريس صديقي. محڪمہ آثار قديمہ پاڪستان.

ڪنهن خوفناڪ ۽ خونخوار درندي جي حملي کان بچڻ لاءِ. آگر سان انهيءَ ڏور کي وڄائي، هڪبئي کي فوري خطري کان خبردار ڪندا هئا[1]. گويا هيءَ سندن مخفي سخن گوئي (Code-word) هئي. ٻاڻ جو ٻرندڙ آواز (wave sound) جو اهڙيءَ طرح انهن جي حالياتي ٻڌيو ۽ سڄڻ ثابت ٿيو تہ سندن ڪنّ کي هونءَ بہ سيبائڻ لڳو. واندڪائيءَ ۾ بہ وڄائي ان جو حظ حاصل ڪرڻ لڳا ۽ رات جي رهاڻ ۾ بہ ان سان آواز ملائڻ لڳا. انهيءَ جو آواز گهري ۽ گنڀير هئڻ ڪري، ڀهريائين فقط انهن کي 'آس' (Drone) جو ڪم ڏيندو هو. پانڇجي ٿو تہ هاٺوڪي سرگم جي ستن سرن ۾ هيٺئين ۾ هيٺيون آواز يا ڀهريون سُر 'سَ' (سَدَجَ)، جنهن جي سوامي سنڪرانند جي چوڻ موجب معنيٰ آهي هيٺ 'پٽ تي پيل'، سو اول انهيءَ گهري ۽ گنڀير آواز تي مقرر ٿيو[2]. انهيءَ 'ٻاڻ' يا 'واڻ' کي ٿي پوءِ 'اِڪتانتري واڻہ' يا 'اِڪتاره ويڻہ' (يعني يڪتارو) چيو ويو. جيڪو دنيا جي سڀني ڪهنين قومن جو قديم ترين ساز آهي. آواز کي وڌيڪ گونجائڻ لاءِ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ جدا جدا قسم جو کوکو (Frame) ان سان شامل ڪيو ويو ۽ بتدريج تندن جو تعداد بہ وڌايو ويو. هينري بئلفور (Henry balfour) 'موسيقانہ ڪماڻ جي ارتقائي تاريخ' (۱۸۹۹) ۾، انهيءَ ڳالهہ کي واضح ڪري ٻڌايو آہ تہ شڪارين جي ڪماڻ ئي اصل ۾ سڀني تند وارن واڄن جي پيدا ٿيڻ جو سبب ۽ وسيلو بڻي آهي[3]." جنهن مان پوءِ ستار، سرندا، رباب ۽ تنبورا وغيره بنايا ويا. موهن جي دڙي واري تصويري خط ۾ بہ چنگ ۽ هارپ مهرن تي نقش ٿيل مليا آهن.*

"مصر ۾ ۴۰۰۰ ق. م. جو مصري ساز 'بو هارپ' (Bow harp) معلوم ڪيو ويو آهي. جو هندستان ۽ ايشيا جي ٻين

(1) Historical Development of Indian Music: p. 358.
(2) Prof: O. Gosvaini: The Story of Indian Music. p. 7.
(3) Historical Development of Indian Music: p. 365.

* واديءِ سنده کي تهذيب": ص ۱۵۵. محمد ادريس صديقي محڪمہ آثار قديمہ پاڪستان .

لڳن جي 'ويڻ' (وينہ) سان مشابهہ آهي[1]." سنڌو ماٿر ۾ پڻ چار هزار سال اڳ جي 'وينا' (بينا) سان گڏ هارپ ۽ ٻيا ساز بانسريون، ڪرتال، جهانجهہ ۽ مردنگ مليا آهن. پروفيسر اسٽوئرٽ پگٽ انهيءَ 'بينا' (بين) جي تارن جو تعداد 'ستن' تائين ڄڻي چڪو آهي[2]. ير هندن جا ويد جيڪي عيسوي سن کان فقط هڪ هزار کن سالن اڳ لکجڻ لڳا، تن ۾ بين يا بينا جو ذڪر ئي ڪونهي! ساڳئي زماني جي لڳ ڀڳ، يونان ۾ ساڳئي ساز جو پتو هومر (نائين صدي ق. م.) وٽان مليو[3]. مشهور جرمن انڊولاجسٽ مئڪس مولر حيرت جو اظهار ڪندي چيو آهي تہ: بينا (وينا) لاءِ ڪا بہ اهڙي سندَ ويدن مان ڪانہ ٿي ملي، جنهن جي معنيٰ 'لاير' ٿي سگهي. رگ ويد ۾ بہ وينا (ويٺا) جي بدران 'واڻ' لفظ مليو[4]. ساڳيو 'واڻ' لفظ پهلويءَ ۾ بہ آيل آهي، جنهن پوءِ سُمير ۽ ميسو پوٽيميا جي ٻوليءَ ۾ وري 'بان' جي شڪل ورتي[5]. مئڪس مولر انهيءَ 'واڻ' لفظ جو ترجمو (Voice) 'انساني آواز' ڪيو آهي. مَني پاڻيني بہ ساڳئي 'واڻ' جي معنيٰ سُر ۽ آوازي گونج (Musical tone) ٻڌائي ٿو[6]. انهن ڳالهين مان ڪجهہ ائين پيو لڳي تہ 'واڻ ۽ ٻاڻ'، جي ڪماڻ جا اصلي نالا آهن، انهن تان ئي سندن سخن گوئيءَ جا صفاتي نالا 'واڻي يا ٻاڻي' ٻئي نهيا هوندا ۽ انهن جي معنيٰ بہ ڳائڻ توڙي ڳالهائڻ ٻئي مقرر ٿيون. انهن ٻنهي لفظن جي مترادف ۽ ساڳين معنائن وارو ٻيو بہ هڪڙو لفظ، جيڪو اسان وٽ اصل کان ئي واڻيءَ جي بجاءِ استعمال ٿيندو آهي، سو 'واڻي' آهي. انهيءَ جو بہ 'واڻيءَ' سان بنيادي واسطو آهي. مٿي جيڪي پنڊت پاڻينيءَ ۽ مئڪس مولر جا گفتا ('انساني آواز، آوازي گونج ۽ سُر' وغيره) ڏنا ويا آهن؛ تن مڙني جي معنيٰ بہ ساڳي ۽ حقيقت ۾ هڪڙي ئي آهي، جا مٿي

(1) Historical Development of Indian Music: pp. 357.
(2) Prof: Stuart Piggot: "Pre-historic India" pp. 270, 271.
(3) Historical Development of Indian Music: p. 359.
(4) Historical Development of Indian Music: p. 356.
(5) Historical Development of Indian Music: p. 362.
(6)-Historical Development of Indian Music: pp. 361, 362.

بہ سوراخن جو ڳاٺيتو هر حالت ۾ پنجن کان گهٽ ٿي بيهي ٿو. هتي بانسريءَ جي بنيادي آکاٽي فقط ڏيکهہ ٿينڻ جي ڏپ کان نہ ڏني ويئي آهي. دراصل بانس جي ٻيلن ۾ طوفان لڳڻ سبب، اوائلي انسانن کي سيٽين جهڙا سُر ٻڌڻ ۾ آيا. (بشنو از نئي چون حڪايت مي ڪند!.) انهن آوازن ٻڌڻ ڪري انسانن کي بانسريءَ بنائڻ جو خيال آيو. بانسري بہ دنيا جو پراڻي ۾ پراڻو ساز آهي. منڍ ۾ بانسري فقط 'آس' (Drone) جو سُر ڏيندي هئي. پوءِ جيئن جيئن وڌيڪ سُر معلوم ٿيندا ويا، تيئن تيئن سوراخن جو تعداد بہ وڌندو ويو. واديءَ سنڌ ۾ بانسريءَ کان علاوه ٻيا ساز پڻ ايجاد ٿيندا رهيا، جن مان ڪن جو احوال تہ مٿي تفصيل سان بہ اچي چڪو آهي. انهن ۾ وڄت جا ساز: ڪرتال، ٿالهي، جهانجهہ، گهڙو، مردنگ، پکواج ۽ ڍولڪ، ناچ ۾ ٿاپ ڏيڻ لاءِ ضروري هئا، تن سان گڏ ويٺا ۽ بانسريءَ جي بہ سنگت ٿيندي هئي. شڌ جاتي ڳين جا جيڪي ڳڻ ٻڌايا ويا آهن، انهن ۾ هڪڙو هيءُ بہ آهي تہ "جاتي ڳيا الڳ الڳ تال ۾ ورتايا ويندا هئا[1]." "جاتي ڳين جو ٻيو وڏي ۾ وڏو ۽ مک ڳڻ جيڪو ليکيو ويو آهي، سو هيءُ آهي تہ جاتي ڳين جو بنياد نرت ۽ ناچ تي هو[2]." جاتي ڳيا، نرت کان سواءِ سانگ (ناٽڪ) ۾ بہ خاص طرح سان لاڳو هوندا هئا[3]." پوءِ چاڪاڻ تہ جاتي سنگيت گهڻو ڪري سانگ رچائڻ جي ٿي ڪم ايندو هو، تنهن ڪري ان کي 'نتيہ ڳيا' (نرتيا ڳيت Stage song) چوندا هئا. جنهن جي معنيٰ آهي تہ اهي سريلا ڳيت جيڪي ناٽڪ سان لاڳو هجن[4]." دراصل، اهو ڳائڻ وڄائڻ توڙي تال ۽ ناچ اوائلي انسانن جي لاءِ رات جي فرصت ۾ ايڏو تہ عام هو، جو اهو گويا انهن جي عادت بڻجي چڪو هو. اها بہ پڪ آهي تہ انهيءَ پٺيان ضرور ڪو ڌرمي ۽ مذهبي پس منظر بہ هوندو، ۽ ڪي وهم ۽ وسوسا بہ پوشيده هوندا! "مذهب جي ارتقائي مطالع مان بہ پتو پوي ٿو تہ سڄيءَ دنيا ۾ مذهبي رسومات جي ادائگيءَ لاءِ ڳائڻ ۽ نچڻ نہ فقط عام هو، پر بيحد ضروري پڻ

(1 & 2) Historical Development of Indian Music: p. 344. & p. 170.
(3 & 4) Historical Development of Indian Music: p. 130. & p. 67.

هو[1]." شروع ۾ ڳائڻ- وڄائڻ فقط مذهبي رسمن (Rituals) بندگي (Worship) ۽ دعائن (Prayers) لاءِ مخصوص هو. جيڪو پوءِ (زراعتي دؤر ڏاري) وسين ۽ واهڻ ۾ به ڳائجڻ لڳو. انهيءَ کي پوءِ 'گرام ڳيا' ڪوٺيو ويو[2]." گرام ڳيا اڳتي جدا عنوان سان بحث هيٺ ايندا. في الحال جاتي ڳين جو بيان ٿي رهيو آهي. "جاتيون انهيءَ ڪري گرام ڳين (۽ راڳ-ڳيتيءَ پنهي) جو اصل يا اڳواڻ آهن[3]." - جاتي ڳيا، گائن وديا جي شروعات ۾ پڻ نج پدري (جٽبندڙ = Parent) قسم جا ڳيت مڃيا ويندا هئا ۽ اهي ست بنيادي 'لوڪيڪا' (Loukika) يا ديسي راڳ سمجهيا ويندا هئا[4]." جدا جدا شاسترن ۾ انهن جو تعداد گهٽ-وڌ ڄاڻايل آهي. جنهن جو سبب هيءُ ٿي سگهي ٿو ته نوان آيل آريہ، پهريائين ته اهڙن سيني ڳين کي شايد هڪ ئي نموني ۾ 'رڍون مڙيئي ٻوڙ ڪاريون' سمجهندا هئا ۽ پوءِ هري هري هنن ۾ گڏهہ گهوڙي جي تميز آئي هوندي! پهريائين ته بلڪل مک ۽ وڏين قومن جا ڪي مقبول عام ڳيا سڃاڻي سگهيا هوندا. پوءِ جيئن جيئن ڪين جدا جدا ذاتين ۽ قبلين جي نرالن ڳيتن ٻڌڻ جو وارو ملندو رهيو ۽ انهن جي وچ ۾ ويڇي ڪرڻ جي ساڃهہ منجهن وڌندي آئي؛ تيئن تيئن انهن جو تعداد به وڌائيندا، چار، ست، ڏهہ، چوڏهن، ارڙهن، ويندي ويهن تائين به مڃيو اٿن. جن ڪتابن ۾ انهن جو تعداد مختلف ملي ٿو، انهن جو وچور ڏيڻ جي هت ضرورت نہ آهي. باقي اهڙي فرق ڄاڻائڻ لاءِ هت هڪڙو هاٺوڪو مثال پيش ڪجي ٿو: 'ڳيا' لفظ اسان وٽ اڄا به موجود آهي. جيڪو شاديءَ جي ڳيچن جو اصلي نالو آهي. اهي شادين جا ڳيا، اسان جي غنائي شاعريءَ جي تمام پراڻي ۾ پراڻي جنس آهي، جا پاڻ بچائيندي، ويس مٽائيندي، ڪنهن طرح سان سلامت رهندي آئي آهي. انهيءَ ۾ به ڏسبو ته جدا جدا ذاتين ۽ نياتين جا، يعني 'سماٽ' جا ساڻ ڳيا پنهنجا، 'پروچن' جا ڳيت پنهنجا، اهڙيءَ طرح 'ٿري' ۽

(1) Prof: O. Gosvami: The Story of Indian Music. p. 5.
(2) Prof: O. Gosvami: The Story of Indian Music. p. 89.
(3 & 4) Historical Development of Indian Music: pp. 68 & 68.

'ڏاني' لوڪن. توڙي 'سرائڪي' ڳالهائيندڙ ذاتين جا ڳاچ اڄ به هڪبئي کان مختلف شڪل جا آهن. اهڙوئي اختلاف، ڊاڪٽر ڪرٽ سڪس جي چوڻ موجب، پراڻين قومن جي ڳائڻ منجهه به هو. انهيءَ ڪري ئي جاتي ڳيا الڳ الڳ نڪن ۽ ٻاڙن تي ڳنيا ويا. اهي علحديون نڪون ۽ نياتيون. جڏهن هڪبئي سان لهه وچڙ ۾ آيون، تڏهن انهن جي ميل مان ڪهڙو ئي گڏيون ذاتيون پوءِ وڌي. وڌي پيماني تي پکڙجڻ لڳيون. (جن سيني تي دراوڙ نالو پيو.) انهن ڳاڏڙ ذاتين ۽ جاتين جا گڏيل ڳيا. جن کي 'سمڪيرڻ' (Mixed) جاتي ڳيا چيو ويندو هو. ڪجهه اوڙئي رنگ جا هئا. انهن ڳاڏڙ جاتي ڳين جي سڌريل صورت، پوءِ 'گرام ڳيا' جي نالي سان مشهور ٿي ويئي.

جاتي ڳين جا اصلي ٻول ته اڄا ملڻ ممڪن نه آهي، البت انهن جي موضوع ۽ مضمون لاءِ اهو اندازو ڪري سگهجي ٿو ته اهي اصل ۾ شڪارين ۽ ڏراڙن جا ڳيت هئا. تنهن ڪري انهن ۾ ناچ جي دوران جانورن جي ڦاسائڻ، هيرائڻ، ڏارڻ ۽ مارڻ متعلق ئي ڪي وهمي عقيدا ۽ جذبات دهرايا ويندا هوندا! هيئت جي باري ۾ ته ٻڪ سان چئي سگهجي ٿو ته جاتي ڳيا ٽن لفظن واري، هڪ سادي ۽ مفرد جملي کان وڌيڪ ٻي ڪا شئي نه هوندا. مُني پارته، به چيو آهي ته "جاتي ڳيو 'ورت'. (پد = Bar) مان اُسريو آهي ۽ ورت (پد، لفظ) وري جدا جدا اکرن جي جوڙ يا ميلاپ کي چئبو آهي. اهڙي طرح هرهڪ جاتيءَ ۾ ٽي ورت يعني پد (لفظ يا گفتا) هوندا هئا[1]."

## گرام ڳيا (The village folk singing):

پراڻن پستڪن ۾ لکيل آهي ته: ڳين جو سڌارو ۽ واڌارو سلسليوار ۽ درجي بدرجي ٿيو آهي. پهريائين پراڻا ۽ اصل جاتي ڳيا هوندا هئا. اُنهن جي باهمي ميل ميلاپ سان مخلوط يا گڏيل (Mixed) جاتي ڳيا پيدا ٿيا. انهن پنهي شڌ ۽ ڳاڏڙ جاتي ڳين جي سنجوڳ سان 'گرام ڳيا' يعني ڳوناتا ڳيت اسريا. آخر انهن ڳوناتن يا ديهاتي ڳين ۽

(1) Historical Development of Indian Music: pp. 170-171.

ماڻهو عام طرح ڳائيندا رهندا هئا. انهن کي نج 'ديسي' مڃيو ويندو هو. اهڙن علائقائي ڳيتن جي سمجهاڻي آريائي شاسترن ۾ هيءَ آهي تہ: اهي ڳيت جيڪي آسپاس جي پرڳڻن ۾. نرالي نرالي ڍنگ سان، پنهنجي پنهنجي مقامي رنگ ۾ ڳايا ويندا هئا؛ ۽ ڪنهن بہ هڪڙي ئي ملڪي نيم، يا ڪنهن عام اصول جي پابنديءَ هيٺ آيل نہ هئا[1]." پراچين جُڳ ۾ اهڙن ڳيچن کي 'ديس ڳيا' چيو ويندو هو. جن تي مقامي نالو پيل هجي[2]."

مهاڀارت ۽ هري ونش ۾ بہ گرام ڳين جو بيان ڏنل آهي، ۽ انهن لاءِ چيو ويو آهي تہ: اهي جاتين يعني جاتي ڳين مان جڙيل آهن[3]." مطلب تہ جاتي ڳين ۾ جا ايڏي اوڏ آئي، جنهن گرام ڳين لاءِ هيترو مواد مهيا ڪيو: سو سچوئي زراعتي زماني جو ڪرشمو چئبو. "پوک سان لاڳاپو رکندڙ رسمن ملهائڻ ۾ راڳ ۽ ناچ، دنيا ۾ هر هنڌ مک پارٽ ادا ڪيو آهي[4]." معلوم ٿئي ٿو تہ هي گرام ڳيت، بوءِ ناچ ۽ ناٽڪ ۾ جاتي ڳين کان بہ گوءِ کٽي ويا هئا. جيئن تہ 'برهما' (آريائي ديوتا) جي آکيا آهي تہ "سانگ رچائڻ لاءِ گرام ڳيت ڳائڻ بلڪل ضروري آهن[5]." گرام ڳين جا مضمون تہ متي اڳيئي معلوم ٿي چڪا هوندا، باقي انهن جي هيئت جي باري ۾ ايترو چئي سگهجي ٿو تہ سِڌن سنوانن جاتي ڳين جي پيٽ ۾ هنن جون ڪليون ڪجهہ مڙئي ڪلا واريون ۽ ڪن مرتب جملن تي مشتمل هونديون ! پر اها هوندي وري بہ هڪڙي سٽ، اها هڪڙي سٽ يا مصرع ئي ورائي ڦيرائي ڳائيندا هوندا! انهيءَ دراوڙي دؤر ۾، متين پن صنفن، يعني جاتيءَ ۽ گرام ڳين ڪانسواءِ، اڃا هڪڙي ٽي جنس بہ آريائي آمد وقت اُڀري رهي هئي. جنهن جو درجو انهن ٻنهي جنسن کان متاهون مڃيل آهي. اها صنف آهي. 'گندري گيت'، جي گرام ڳين جو انتهائي سڌريل روپ آهن.

## گندڙي پاتن جا گيت (The Semi-Devine Minstrals):

سورهين صدي قبل مسيح جي پوين ڏينهن ۾ واديءَ سنڌ جي

(1-2) Prof: O. Gosvami: The Story of Indian Music. p. 6. & p. 74.

(3) Historical Development of Indian Music: p. 106.

(4) Prof: O. Gosvami: The Story of Indian Music. p. 13.

(5) Historical Development of Indian Music: p. 286.

تهذيب وڏي اوج تي پهچي چڪي هئي. ڪوٽ ڏيجي، هڙپہ، موهن جو دڙو، آمري، ٽئڪسيلا ۽ ٻيا ڪيترائي وسندڙ ۽ وڏا شهر 'واديءِ مهراڻ' ۾ موجود هئا. اهڙن عاليشان شهرن ۾ ڇا ڇا نہ هوندو؟ درٻاريون ۽ رهاڻيون، پوڄائون ۽ ڀڳتيون، ڳائڪ ۽ نائڪ، سگهڙ ۽ سبوجهہ، رس ۽ رنگ سڀڪجهہ موجود هو. مطلب تہ هتي جي ماڻهن جي مذهبي ۽ تهذيبي، سياسي ۽ سماجي، توڙي ثقافتي ۽ ادبي زندگي، انهيءَ زماني ۾ اعليٰ درجي تي پهتل هئي. پر، 'ٻري تہ هاري' سنڌيءَ ۾ اها عام چوڻي آهي. ساڳيءَ طرح هن تمدن جي جوڀن جو پيالو بہ ٻُر تي چڪو هو. جنهن جو ڇلڪي هارجڻ هاڻي فطري ڳالهہ هئي. انهيءَ زماني کان پوءِ سگهوئي هن تهذيب جي تباهي اچڻ لڳي. راڄ ۽ راڄڌانيون سڀ اُجڙ تي چڪيون هيون. پراڻي سڀينا جي سج ٻُبي ڏني ۽ تاريخ بہ پنهنجو پراڻو پنو اٿلايو. هتي سنڌ جي ديوتا سروپ راجا، 'راءِ سمبارا' جو راڄ پورو ٿيو ۽ ان سان گڏ ئي، ستجڳ بہ پورو ٿي ويو ۽ ڪلجڳ اتان ئي چالو ٿيو(۱). هيءَ آريائي آمد جو اوائلي زمانو هو. اندر ديوتا جا پرستار، آريائي سورما پنهنجيءَ سوڀ جي گهمنڊ ۾ گهمي ڦري رهيا هئا. هو پنهنجيءَ ڏاڍ مڙسيءَ کي ئي سڀڪجهہ سمجهندا هئا. انهن جي اڳيان اٽڪل ۽ ڏاهپ، سمجهہ ۽ سياڻپ تہ ڪا بہ شئي ڪانہ هئي. اصلي رهاڪو سندن دسيہ ۽ دشمن هئا، جن جي هر ڪنهن ڳڻ کي هي اوڳڻ سمجهندا هئا. اهڙي حالت ۾ جيڪر اشراف ويچارا ڪيڏانهن وڃن. پڙهيل ۽ پوڄارا تہ سورمن جي سايي کان بہ سؤ ڪوهہ پري ڀڄڻ لڳا؛ پوڄائون ۽ ڪلائون سڀ وسري ويون. عبادتگاهن جا ڳائڻا ۽ ڳهير، راءِ، 'سمبارا' جي رهاڻ ۽ ورسي ونت ڪرشڻ جي ڪچهريءَ جا ڪوڏيا ڪلاڪار ۽ سنگيت ڪار، سگهڙ ۽ سڄاڻ سڀ، جيڪي اڳي وڏي مانَ ۽ شان سان رهندا هئا، سي سڀ نڌڻڪا ٿي ويا ۽ جهنگ مُنهن ڪري گم ٿي ويا. هڙپہ، موهن جي دڙي ۽ وچ وارن ٻين شهرن (ڪوئيتا علائقي؟) جي اهڙن ڏتڙيل سگهڙن کي ئي آرين 'گندرا ڪلاونت'

(۱) "واديءِ سنده کي تهذيب": صفحو ۲۴۴. محمد ادريس صديقي، محڪمہ آثار قديم پاڪستان.

لوڪيہ (Loukika) ۽ وئديہ (vaidika) يعني گندروا ۽ سام ڳيا جي وچ ۾ روايتي رشتو ڳوليندي، انهنجو اصلي پانُ ۾ گهرو لاڳاپو لهي ڏيکاريو آهي. گندروي ڳيتن کي بہ ويدڪ سامن وانگر ئي پاڪ ۽ آسماني ڳيت مڃيو ويندو هو. خود ويدڪ ڳين جو بہ اڪثر ۽ بيشتر مواد تحقيق ۽ تلاش جي 'مارڳ' ۾ ورتايو ويو آهي[1]." مٿي ذڪر ڪيل 'سام' لفظ مان مراد 'سام ويد' آهي. جيڪو ويدڪ لٽريچر جو ٽيون مک ڀاڱو آهي، ۽ جيڪو ٻهرين ٻن ويدن، رگ ويد ۽ بجر ويد مان سريلن ڳيتن کي ڇانٽي تيار ڪيو ويو آهي. ٻهرين ٻن ويدن جو واسطو لٽريچر سان آهي، پر سام ويد، خالص موسيقيءَ (سنگيت) جو ئي ڪتاب آهي. اهي ڳيت سنگيت، سام ويد کان اڳ ئي سنڌ ۾ هلندڙ هئا. انهن جو آرين تي ڪهڙو ۽ ڪيترو اثر ٿيو، اهو بيان ٿي آيو آهي. "اهي ڳيت ٻوءِ عوامي ملڪيت ۽ قومي ورثو ٿجي ويا. هيءَ هڪڙو سدا شاهوڪار گنج ۽ هڪڙو پرپور ڀنڊار هو: جنهن مان مستقبل جي اهڙي وهنوار، وڏيون اوڏرون ورتيون، جيئن اسين اڳتي ڏسنداسين[2]." - "اهي اوائلي انسانن جا مضمون هئا، جن جي وسيلي ابتدا ۾ انساني جذبات جو اظهار شروع ٿيو... اهي لوڪ گيت - سنگيت اسان کي بنيادي اصولن جو خاڪو مهيا ڪن ٿا، جن جي آذار تي ٻوءِ ڳائڻ- وڄائڻ جو هنر اڏيو ويو... جيڪي انّ آرين کان آريہ لوڪن حاصل ڪيا[3]." هن زماني جا برهمڻ ۽ وياس (مصنف) جيئن تہ تصنيف، تاليف ۽ تحقيق جي 'مارڳ' ۾ مصروف هئا، انهيءَ ڪري مقامي فن (ديس ڪلا) کي بہ بلڪل أجزّ ۽ وڪرت وجڻ نہ ڏنائون. ڪجهہ قديم طرز جي تتبع کي بہ آزمايائون. "اهڙيءَ طرح اهي لوڪ گيت بہ سام ويد ۾ جذب ٿي ويا[4]."

هاڻي سائين منهنجا هيءَ 'ديسي' يعني پراڪرت يا 'لوڪيہ ساهتہ' جو سنهڙو پيچرو، ڏاڏي آدم جي بلڪل ڇائٹ کان ڇالو ڪري، انهيءَ کي سڌو آٿي آرياڻي عهد جي شاهي دڳ سان ڳنڍيو ويو

(1) Historical Development of Indian Music: p. 65.
(2) Prof: O. Gosvami: The Story of Indian Music. p. 20.
(3) Prof: O. Gosvami: The Story of Indian Music. p. 53.
(4) Prof: O. Gosvami: The Story of Indian Music. p. 25.

آهي. آريائي ادبيات ۽ سنسڪرت ساهت جي سڙڪ وري 'پُنڌ ڪال' سوڌو سڌي اوري اچي ٿي. جتان ان جون وائون ويهه ٿيو وڃن ٿيون. آريائي عهد جي ادبيات توڙي تاريخ جو ڪيترو ئي ڪچڪول. برهمڻن (لکت ۾) ڪنو ڪري ڇڏيو آهي. انهي جي آڌار تي 'آرين جي شروعاتي شاعري' جو تفصيل. خدا گهريو آهي ته ٻئي وقت ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. (اول خير)

## ضميمو

مٿي ذڪر ڪيل ديوتا، جنهن کي عام طرح 'نٽ راج' وغيره ڪوٺيو ويو آهي؛ تنهن جي اصلي حقيقت ڇا ٿي سگهي ٿي؟ ۽ ان جو مذهبي پس منظر ڪهڙو هوندو؟ انهيءَ باري ۾ ڪن عالمن جا چند رايا هتي پيش ڪجن ٿا:

موهن جي دڙي ۽ هڙپه وغيره ۾، جيتوڻيڪ آريه لوڪن جي حملي وقت به هڪڙو بزرگ گهورانگيرس (Ghora Angirasa) نالي هتي موجود هو. جيڪو ان زماني جو مجيل مذهبي پيشوا هو؛ پر مٿين ديوتا وارو ذڪر ڪيل پنلو انهيءَ کان گهڻو اڳي جو ڪهڙيل هو. (سوامي پراجننه نند، ص ٢٦٦ ۽ ذرمانند، ص ١٢) آريه لوڪ، جيڪي مئڪس مولر جي چوڻ مطابق، ويدن واري زماني جي پڇاڙيءَ تائين به اڃا بت پرستي نه سکيا هئا، تڏهن به سندن ٻهرئين پستڪ رگ ويد (منڊل ٻيو ٣٣، ٩) ۾ ئي انهيءَ بُت (پُتلي) جو ذڪر آهي، جيڪو پوءِ هندن ۾ رُدر (شِو؟) جي روپ ۾ مڃيو ويو. (قديم سنڌ، ص ۴٦۴)

قبل مسيح چوٿين صديءَ وارو چندرگپت موريه، جنهن کي مسٽر ٽئمبي (Toynbee) موهن جي دڙي ۽ هڙپه وغيره جي حڪمرانن جو پونيَر نهرائڻ جي دعوا ڪئي آهي. (ستوئرٽ پگٽ، ص ٢٩٠) تنهن جي سرڪاري دفتر مان، يوناني عالم مئگستنيز قديم سانامن جي وڇور سان کي شاهي شجرن جون تختيون معلوم ڪيون هيون. انهن جي آڌار تي هن لکيو ته: ست هزار سال قبل مسيح ڌاري ٻهريون ئي دفعو هندستان جي ماڻهن بندگي ڪرڻ چالو ڪئي ۽ ڏئيونيسس

(Dionysos) ٿي اول انهن کان پنهنجي پوڄا ڪرائي ۽ ديوتائن جي به پوڄا ڪرڻ کين سيکاري. انهيءَ مطلب لاءِ اول ماڻهن کي 'کڙتال' وڄائڻ سيکاريائين ۽ پوءِ 'گهومت' وڄائڻ سان گڏ هڪڙو ابتدائي، جهنگلي قسم جو ناچ ٻڻ جاري ڪيائين، جيڪو گهڻو پوءِ يونان ۾ 'ڪورڊيڪس' جي نالي سان چالو ٿيو. (ڏسو ڪائونٽ بجورنسٽجرنا: ٿياگني آف هندو، ص ٤٥)

"قديم يوناني شاعر جيڪي انڊو-پاڪستان کان وٺي، ايشيا کي دئيونيسس (بئڪوس) جي پاڪ سرزمين يا مقدس ملڪ مڃيندا هئا، سي هيءَ به اعتقاد رکندا هئا ته ڳائڻ-وڄائڻ جو بنياد اصل ايشيا منجهان چالو ٿيو. پنهنجي شاعريءَ لاءِ به ڪو چوندو هو ته 'آءٌ ايشيائي تنبوري جي تند ٻرايان پيو.' اهڙيءَ طرح قديم دنيا جي سڀني ڪهنين قومن وٽ، هتي جي رقص و سرود جي اوليت مڃيل هئي."

استرابو پاڻ اعتراف ڪيو آهي ته: وڻن سنگيت تنهي صورتن (ڳائڻ، وڄائڻ ۽ نچڻ) سان ايشيا کان آيو آهي. (جغرافيه استرابو x-١١-١٧) ايٽرين به سندس ڪتاب 'انڊڪ' ۾ لکيو آهي ته: جڏهن بئڪس (دئيونيسس) ۽ سندس پوئلڳ سنڌ (Ind) ۾ ابتدائي جهنگلي ڏرم 'بئڪاناليه' ڪڙو ڪيو، تڏهن کان هتي جا ماڻهو سڄي انسانذات ۾ ڳائڻ-وڄائڻ جا وڏا شوقين مڃيا ويا ۽ ناچ کي ته هنن ماڻهن پوريءَ پريت سان ٿي نڀايو.- تاريخ قديم سنڌ مان به ثابت آهي ته هتي بئڇوس (بئڪوس) جي نالي پوڄا ٿيندي هئي. (ڀيرومل: ص ١٧٧)

مئگسٿنيز مٿين سالنامن جي پترين پٺاندر اسان کي ٻڌائي ٿو ته: هتي جا ماڻهو دئيونيسس کان وٺي چندرگپت موريه تائين جملي ١٥٣ گهراڻا سنڀالين ٿا، جن جي ڪل مدت ٦٠٤٢ ورهيه ڳڻي اٿن. پلني ايلڊر پڻ ساڳي ڳالهه ڪئي آهي ۽ بئڪس (Bachhus) جو زمانو به ٦٤٥١ سال ق. م. ڄاڻايو اٿس.

ڪيترين قديم تاريخون دئيونيسس يا بئڪس لاءِ چون ٿيون: هو هند يعني سنڌ جي سرزمين تي رهندو هو. مختلف پراڻن

شاسترن ۾ شمار ڪيل شاهي گهرائڻ ۽ يونان جي قديم تاريخن ۾ شمار ڪيل سالن جي پاڻ ۾ پيٺ ڪندي، ڪيتريون ڪوششون ڪيون ويون آهن تہ هي ديوتا، قديم هندستان جي ڪنهن ڪهني تاريخي شخصيت ۾ سجاتو وڃي. خاص طرح ڪيس منو ۽ ڪرشن وغيره جي روپ ۾ سڃاڻي سگهجي. عام روايتن جي هڪجهڙائي ۽ ڏند-ڪٿائن جي ڀيٽ ڪرڻ مان جيڪو بہ نتيجو نڪري سگهي ٿو، ان موجب شِو مهراج ئي اصل ۾ دئيونيسس يا بئڪس هئڻ گهرجي. شِو پراڻ ۾ سندس مکہ اوتار ڏارڻ واري واقعي مان بہ اهوئي مطلب ٿو نڪري-ساري هندستان ۾ مشهور آهي تہ شِو مهراج ڳائڻ ۽ نچڻ جي هڪڙي تمام بنيادي ۽ اهم روايت 'شِومَت' جو موجد ۽ ان جو پهريون استاد بہ پ ۽ ئي هو. اها شِومَت، پوء جي ساري ويدڪ زماني ۾ بہ 'سوم سنگيت' کان بلڪل ممتاز پئي رهي آهي. سنسڪرت سنگيت جا بہ ڪيترائي شاهڪار (جن مان شايد ڪي اجا بہ هجن) شِو مهراج ۽ سندس چيلن ڪي منسوب ڪري مستند بڻايا ويا.

(متيون سڄو احوال، الائن ڊئنيلو جي ڪتاب: 'نارٿ انڊين ميوزڪ'، ص ٢١ کان ورتل آهي.)

## ڪتابن جي فهرست:

1. The Dawn of Civilization: By Thames & Hudson London.
2. Northern Indian Music: Vol: I by Alain Danielou London. (1949)
3. Historical Development of Indian Music, By Prof: Swami Prajnananada, Calcutta. (1960)
4. The Story of Indian Music' (its growth and synthesis) by Prof: O. Gosvami (Asia Publishing House) 1961.
٥. "هماري موسيقي" - اداره مطبوعات پاڪستان (پوسٽ باڪس ١٨٣) ڪراچي (١٩٦١ع).
٦. "تاريخ ادبيات عربي": پروفيسر احمد حسن 'زيات' قاهره (مصر). اردو ترجمو عبدالرحمان طاهر سورتي. (علمي پرنٽنگ پريس لاهور) ١٩٦١ع.
٧. "وادي، سندھ کي تهذيب": محمد ادريس صديقي. محڪمہ آثار قديمہ، پاڪستان، مکتبہ نيا راهي کراچي -٢ (١٩٥٩ع).
8. Prehistoric India. Prof: Stuart Piggott 1950.

9. Encyclopaedia Britannica, Vol: 16. Music P. 3 to 19.

A پروفيسر ڊاڪٽر قاضي نبي بخش صاحب، صدر شعبہ فارسي، سنڌ يونيورسٽي، شفقت فرمائي. پراڻي پهلوي ۽ زند زبانن مان قديم شاعري ۽ موسيقيءَ جا آثار ٻڌايا.

B. مسٽر غلام علي الانا جي مهربانيءَ سان سنڌي اڪيڊميءَ (انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي) ۾ هر وقت ڪتابن پڙهڻ جو وجهہ تمام آسانيءَ سان ملندو رهي ٿو.